# رڻ تي رڃ



شيخ اياز

# رڻ تي رم جهم

شاعري

## شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.
1986ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ستهتر

ڇپائيندڙ — نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد، سنڌ.

ڇپيندڙ — مبين پرنٽنگ ايجنسي
گاڏي کاتو حيدرآباد، سنڌ.

ٽائيٽل، اسڪيچ ۽ ڪيليگرافي — فتاح هاليپوٽو

پهريون ايڊيشن — جنوري 1986ع

قيمت: 22/- رپيا
پڪي جلد سان 32/- رپيا

(مصنف جا سيئي حق ۽ واسطا قائم)

---

RINN TAI RIM JHIM (Poetry) by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications Tando Wali Mohammed Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition January 1986. Price Per Copy Rs. 22/-

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# رڻ تي رم جهم

******************


مهاڳ — ماهتاب محبوب 7

نظم ١٧-٨٦

اونهاري جي رات ستارا---- ١٧
ڏينهن ڪڇهن جو ڳاهه ٿيو آ---- ١٨
اي ڪاش اهو تون ڄاڻين ها---- ١٩
نازي ڇايل / ٻار جي اکڙين وانگر آيل---- ٢١
گيت محبت جو---- ٢٣
هي جي گيت گهٽائن وانگر---- ٢٥
ڇا ڪوئي سُر اهڙو آهي---- ٢٧
تون نه سکين رابيل جي ٻولي---- ٢٨
خوشبوئون، جهڙي---- ٣٠
پنهنجي پنهنجي خوشبو هر گل---- ٣١
چنڊ ستارا راهون آهن---- ٣٢
'سب اِکو رنگ ڪپاهين دا' ٣٣
'فقره جوڙڪي خوب درست ڪيتا....' ٣٤
'مين ڀي ڄاڻان جهوڪ رانجهن دي....' ٣٥
'چور پون راتين گهر ستيان دي....' ٣٧
'تيري عشق نچايا ڪر ٿيا ٿيا' ٣٨
رُت بدلي آ---- ٤٠
پنهنجا چپ چمين سان پياري---- ٤١
ڪالهه ڏڙيل هئي---- ٤٢

’تن من ميرا پُرزي پُرزي....‘ ٤٣

رات، سراھ، پٽين تي ٽنگيل---- ٤٤

منھنجا ساٿي!---- ٤٦

قبرستان ۾ ڳالھائين ٿا------ ٤٧

اڄ ڏ. سِتار اِئين ترقي ٿِي---- ٤٩

ھِيءَ پِٿي جي پِٺ، آنھيءَ ۾---- ٥٠

ٿڌا مٺا ڏينھن لنگھن ٿا---- ٥١

جھلملائيندڙ ڪراچي!---- ٥٢

فقيرو ھڪ مزور ٥٤

تون بہ نياڻ جي پَر تي وڻ آن---- ٥٦

ھي سڪّر جو اونھارو------ ٥٧

پِينڪر رات، مگر تون ڳائين---- ٥٨

زخمي ڌِتر---- ٥٩

ٻاھر ڪيڏي ورِتھ وسھي ٿي---- ٦٠

ڇا سُر راڻو مِٺي آھي؟---- ٦١

ڪالھ جڏھن طوفان لڳو ھو---- ٦٣

آءٌ ’ڪُٺاسي موڊو‘ ناھيان---- ٦٤

موت اچي ٿو ميخاني ۾---- ٦٥

ڳيچ ڳجھر مان جا ڳيا آھن---- ٦٦

ڪوريا، بران---- ٦٧

جل ٿل جا جذبات لڳي ٿي---- ٦٨

سورج ۔ پٿّر وانگر منھنجا---- ٦٩

پيار پکيءَ جمن ايندو آھي---- ٧٠

ڪارِي ٧٢

ھِيءَ جو رڻ آ---- ٧٤

سھنجو مٽن ھيڪلڙو پنڇي---- ٧٥

روڪ جھي روڪي سگھين---- ٧٦

ديس سڄي ۾ ڪُڪڙوڪُو آ---- ٧٨

گهڙيال وڳو ---- ٧٩
خواب هجن آزاد ته پيو ڇا گهرجي!---- ٨٠
ميرت لوڪ ۾ سڀ ڪجهه آهي---- ٨٢
جيون کيتر ۾ هر ڪاريه---- ٨٤
ڏکڻ واءُ!---- ٨٥

**ڇهه- سٽو طويل نظم** ١٢٨-٨٩

او سپنا، سپني جا سپنا! ٨٩

**ت- سٽا** ١٤٥-١٣١

**وايون** ١٥٠-١٤٩

سڄڻ جو ساريان---- ١٤٩
آڻ ڏتا اوتار---- ١٥٠

— نيو فيلڊس پبليڪيشنس طرفان شايع ٿيل شيخ اياز جي پهرين ڪتاب 'چنڊ چنبيليءَ ول' ۾ اسان پڙهندڙن سان واعدو ڪيو هو ته انشاالله شيخ اياز جا ٻيا ڪتاب به جلد شايع ڪبا. واعدي موجب شيخ اياز جو ٻيو ڪتاب "رڻ تي رم جهم" اوهان جي هٿن ۾ آهي.

پڙهندڙن شيخ اياز جي پهرين ڪتاب ڪي مواد، گيٽ اپ، ٽائيٽل، اسڪيچز، ڇپائي وغيره جي لحاظ کان بيحد گهڻو پسند ڪيو. اميد ته هي ڪتاب به کين پسند پوندو.

شيخ اياز جا انشاالله جلد ٻيا نوان ڪتاب "ساهيوال جيل جي ڊائري"، "ڀڳت سنگهه کي ڦاسي" ۽ "آتم ڪهاڻي جا وڏيڪ جلد" شايع ڪبا.

ادارو

# مهاڳ

شروع کان ئي شيخ اياز بابت گهڻو ڪجهه پڙهو هئم جنهن ۾ دهريو، ناستڪ ۽ غدار جا لقب القاب پيش پيش هئا. اِها به ڄاڻ پئي ته ’پيچ پيتائي گهوٽ ثاني آيا سنڌ ۾‘ جهڙو طنزائتو بيت به سندس ئي شان ۾ جوڙيو ويو هو. انهن مڙني ڳالهين جي نتيجي ۾ جيڪو تاثر ذهن ۾ ويٺو سو اِهو ته اياز ڪوئي هُل يا هنگامو آهي.

ڏينهن پڄاڻا اياز جي ڪنهن وائي جي سٽ نظرن مان گذري، ’پيون نه آئي پانءِ آلا مـان آڏري ويندو سانءِ‘ ان وائيءَ ۾ الائي ڪهڙو ڏوراپو هو، ڪا ميار هئي ڪو پنهنجائپ ڀريو سهاپو هو جنهن جيءَ کي جهونجاڙي ڇڏيو.

وڏن شاعرن لاءِ چيو ويندو آهي ته اُهي لفظن جا جادوگر آهن، پر جي انهن کي دلين جو ڪاتڪو چئجي ته به غلط نه ٿيندو جو ڪڏهن ته دل جي اردگرد اڏيل پڪ سري ديوارن ۾ به ڪات هڻي پنهنجو دائمي اثر ويهاريو ڇڏين.

مونکي اُها هڪ سٽ ايڏي ته وڻي جو باقي رهيل حصي جي ڳولها ۾ رهيس، نيٺ اهو وقت به آيو جنهن ۾ سندس سڀئي ڪتاب پڙهي پورا ڪيم، ۽ اها ڳالهه شدت سان محسوس ٿي ته جذبي کي نهايت اثرائتي صورت ڏيڻ ۾ کيس ڪمال حاصل آهي. سندس هر شعر ۾ سچائي ۽ سونهن جي مسلسل جستجو سان گڏ ازلي حسن جون جهلڪيون جهٽيل آهن. مون ڪڏهن به هنجي شاعريءَ جي صنفن، گهاڙيٽن يا هيئتن وغيره تي سوچڻ جي ضرورت محسوس ناهي ڪئي. مون ته رڳو انهن جي معنيٰ تي غور ڪيو آهي، خيالن جي اڏام کي سمجهڻ گهريو آهي ۽ موتين جهڙي لفظن تي ويچاريو آهي. ڪي من ۽ ذهن ۾ پيهي ويندا آهن، ڪي متيءَ جي مهڪ جيان دل تي ڇانئجي ويندا آهن، ته ڪي رڳو هير جي

ڪي مالا مال ڪندا رهن ٿا. ايئن لڳندو آهي ته ماضي حال، مستقبل جون سڀئي ڪڙيون سندس ٿي مٺ ۾ هجن جنهن جي گرفت ڪڏهن به ڍري نه ٿي پوڻي. شيخ اياز ڪي ادب ۾ اهو مقام حاصل ٿي چڪو آهي جنهن لاءِ چئبو آهي ته ڪيس لهر نه ڪو لوڏو. مستقبل ڪهڙي به صورت اختيار ڪري، هن جي شاعري مرڻي نه آهي.

شال هو وڏي ڄمار ماڻي ۽ نت نوان ڪتاب لکي پڌرا ڪندو رهي، پر جڏهن هو نه هوندو، مان نه هوندس، اوهان مان ڪو به نه هوندو.... صديون لنگهي وينديون.... تڏهن لطيف سان گڏ اياز جو به نالو هوندو جنهن کي تاريخ هميشه عزت ۽ احترام سان ياد ڪندي رهندي .... هو سدا امر رهندو، سنڌ جي غيرت ۽ امرتا جيان.

ماهتاب محبوب

٥ جنوري ١٩٨٦ع

'ارم نما'

٣١٢ ڊي، لطيف آباد ٦

حيدرآباد سنڌ.


۱۹۸۷



اونهاري جي رات، ستارا
ڪامڻيءَن جي نيڻن وانگر
ڪوسا آهن،
گرم هوا جا جهٽ جهٽ جهونا
جوڳيئڙن جي جوڀن وانگر
جن ۾ ڀڀڙا پڪا آهن.
ننڊ ندوري ڇو نہ اچين ٿي؟
دور نچين ٿي
پيچ پنيءَ جي پيچيءَ وانگر
چال هٽين ٿي
تڙ جي وحشيءَ هرڻيءَ وانگر!
منهنجي دل ڇڻ ڏرتيءَ وانگر
اُتُ دُکي آ
ڪنهن درشن جي لاءِ بُکي آ.

ڏينهن ڳجهن جو ڳاهہ ٿيو آ
ڏس، ڪيڏي پٽ ڪوهہ ڪيون ٿا
جا جيئڻ جي جهول ڀري ٿي!
رات بہ ڪاري ڪويل آهي
ڪويل وانگر ڪُوڪي ڪُوڪي
ساجن، توکي سڏ ڪري ٿي
(تون جو دور هليو ويو آهين
چنڊ جئين ڏوري ۾ وهنجي
ڏاڍو ڏور هليو ويندو آ)
رات لڙيءَ جو ڪونجون ڪرڪي
ڪٿس اُپاري ويندئون آهن،
مون من توکي ڳوليندو آ.

اي ڪاش اِهو تون ڇاڙهين ها
آزاد هوا چا ٿيندي آ!
اي ڪاش اِهو تون ڇاڙهين ها
پرواهه بنا پرن کڻن هوندا
آزاد فضا ڇا ٿيندي آ!

اي ڪاش اِهو تون ڳائين ها
ڪلهه رات ڀڳت سنگهه ڦاسيءَ تي
جو گيت اڌورو ڳاتو هو!
اي ڪاش اُهو تو پاڙين ها
جو هار هوائن ۾ لڏندي
ڪلهه ڌانتيا ٽوپي پاتو هو!

تاريخ جي خوني گلين مان
هر وقت صدا ڪا ايندي آ
هر وقت لهوءَ جي لاڙن ڏي
ڪا ٽوڪي ڇڪ ڇڪيندي آ؛

جڏ اوڏائر جي ڪا گولي
اج تائين توکي تاڙي ٿي
۽ تنهنجا تنهنجي مقتل ڏي
جڏ پير اچانڪ لاڙي ٿي،
تاريخ بڪايل ڇيتي جئن
ڇوواڙي تي چنگهاڙي ٿي.

اي ڪاش اِهو تون ڄاڻين ها
ڇا تن جي قيمت ٿيندي آ،
جنهن آزاديءَ جا گيت ڇيڙيَم
سا آزادي ڪِٿ نيندي آ!
اي ڪاش اِهو تون ڄاڻين ها
سا آزادي ڪئن ايندي آ!

تازي چايل
ٻار جي اکڙين وانگر آيل
ٻوٽيل آهي
مستقبل چڻ منهنجي مَن ۾
ڦرندي دير نہ لڳڻي آهي
هن دنيا کي،
هيءَ دنيا جا ڏڳڻي آهي
اڳتي ڪنهن کي ڪانہ ڏڳيندي،
سَچ ترازي جا ٻئي پلڙا
پورا رهندا،
سنئين ڳنيءَ سان سارا سودا
ٿيندا رهندا؛
چور اُچڪا هن دنيا جا
هيسيل هوندا،
ڪوڙ ڪپٽ جا سڀ واپاري
پيسيل هوندا؛
ڏاڍ ڏمر جا سارا سِلا
پنجي ويندا،
سارا ڌَهلاري ۽ دَلا
ڪنجي ويندا،
ڪوڙيءَ قوم پرستيءَ جا سڀ
غُل غپاڙا گهٽجي ويندا،
ٻج پيار جا ڇٽجي ويندا؛
اڄ بہ مون ۾ آئيندي جا
ڪيترڪڙن ٿا؛

هٻڪارون هٻڪارون ڪيئي
ڦول ٽڙن ٿا،
ٽوڙي ڇايل
ٻار جي اکڙين وانگر آيل
ٻوٽيل آهي،
مستقبل اڄ منهنجي من ۾.

گيت محبت جو
پيهر گونجي ٿو
ڦولارن جي ڦڙلاون ۾
گيت محبت جو
ڏيڄي ويندو آ،
وقت به واڳوءَ وانگر آهي
گيت محبت جو
ڇيڄي ويندو آ،
ڦوهه اُڀري ايندو آهي
ور ور ڌرتيءَ جي سيني مان
جيون جي ڦلواريءَ ۾ ڪنهن
سرتي سرتيءَ جي سيني مان
گيت محبت جو—
ڇو ته اگر ڌرتيءَ تي ڪائي
چيز امرتا واري آهي
پياري آهي
جيت موت تي آهي جنهن ڪي
هر وستوءَ کان نياري آهي
وڪڙ وڪڙ سڪڪاري آهي
سا چيز آهي
گيت محبت جو—

پيارو پيارو
گيت محبت جو
پيهر گونجي ٿو.

هي جي گيت گهٽائن وانگر
آيا آهن،
ڪارونڀارَ ڪري اڄ مون تي
ڇانيا آهن،
’اڄ ڪلهه‘ ڪان غافل به نه آهن
ڇوته جڳن جا گهايل آهن،
هي جي منهنجا گيت گلن جئن
گهايل آهن،
خوشبوءِ جا طوفان آنهن ۾
صدين لاءِ سمايل آهن.
ها، هي گيت سنڌ سيني سان
سرديءَ ۾ گرمايل آهن؛
گيت لکان ٿو ايئن لڳي ٿو
ڄڻ تنهنجي آغوش ۾ آهيان
(آءٌ خماريل هوندس، ليڪن
پوءِ به پوري هوش ۾ آهيان)
هي ڄاڻان ٿو
تنهنجو پيار امر ڪرڻو آ،
تنهنجين اکين مان ميخانا
جي مون پيتا

تن جو قرض ائين پرڙو آ،
ڪيئي گيت لکي مرڙو آ
ڪيئي گيت لکي مرڙو آ.

ڇا ڪوئي سڄ اهڙو آهي
جنهن ۾ ڪوئي جي ڳائي تو
آن مان ڪوٽ اروڙ جا ڪنگرا
آسمانَ ۾ آيرن ٿا،
سنڌوءَ جا ڳجگات اچن ٿا
ڇڻ خوابن مان
آيري ڪيئي ڳات اچن ٿا
غورابن مان،
ديوارن تي ڳورا پٿر ٽڙڪن ٿا
مُشڪي گهوڙا ڪڙڪن ٿا،
تيرَ ابابيلن جئن آڏري
هيٺ ڪيرن ٿا،
ويڙهه هلي ٿي، گهايل ڏُرڪي
نيٺ ڪيرن ٿا؛
مينديءَ رتڙا پيرڪٽي ڪو
بُرج مٿان واجهائي ٿو
ڪارا ڪجرا نيڻ ڪٽي ڪو
دور اُفق کي گهاڙي ٿو
جن ۾ ڪوٽ اروڙ جا ڪنگرا
آسمانَ ۾ آيرن ٿا؛
ها، اهڙو سڄ منهنجو آهي.

تون نہ سگھين رابيل جي ٻولي
۽ نہ گلاب جا ٻول ئي چائين؛
جو پٿر جي ڇاتيءَ ۾ آ
درد، انهيءَ کي تون نہ سڃاڻين؛
تارا روز اشارن ۾ جي
ڳالهيون ڪن ٿا
سي ٻہ نہ چائين،
چو مُرڪن ٿا سانجهيءَ ٽاڻي،
ماڪ ڦڙن جا ڳوڙها ڇا لئہ
رات لڙيءَ جو هو لاڙن ٿا،
سو ٻہ نہ چائين؛
واءُ لڳي تو تنهنجي پاڻي
گل جهومن ٿا
۽ پو تارن کي ڏاڙن ٿا
رات وهائين؛
پٿر پٿر
ڪائنات ۾ سڀ تو وانگر
زنده آهن، ساهہ کڻن ٿا،
پيرن پيرَ پهاڙن جا چو
مون کي گهايل گَدَّ لڳن ٿا،
رات ٻہ ڪاري ڪويل آهي
ان جا نيڻ ستارن وانگر
ڪاري جهنڊ ۾ چڻ جهمڪن ٿا
ڪُوڪ ڪُوڪ تي چڻ ڏمڪن ٿا؛
ماڻهوءَ کي ڪئن مارين تو تون!

پورا، ڪيئن وسارين تــو تــون
هر ماڻهوءَ ۾ ساهه بــہ تو جئن
زنده آهي
ماڻهو ڇـا پر گاهه بـہ تو جئن
زنده آهي.

خوشبوئون، جي چندرما جي
رڻ تي رم جهم آهن،
خوشبوئون جي تارن وانگر
جُهڙ ۾ ٽم ٽم آهن،
خوشبوئون جي ماڪ ڦڙن جئن
تازيون تازيون آهن،
خوشبوئون جي چانڊوڪيءَ ۾
چٽ ته چٽائون آهن؛
تيز به آهن
پر خوشبوئون
هيرا منڊيءَ ۾ جئن آهن
گهر-خوشبوئون،
جن کي ماس طوايف جو آ
اهڙيون خوشبوئون به ته آهن!
اهڙيون خوشبوئون به ته آهن!

رڻ تي رم جهم*

پنهنجي پنهنجي خوشبو هر گل
سنگهندو آهي،
سارنگيءَ جي نيري سُر ۾
پنهنجي سيني جو سازندو آهي
قُدرت پنيءَ سان ويڙهيو آهي،
سانجهيءَ تاڻي
وهڪ نديءَ جي
هنجَ ۾ تُنهنجي جهوٽو آهي؛
مادر فطرت!
هر شيءِ تنهنجيءَ ڪُکّ مان نڪري
تنهنجيءَ ڪُکّ ۾ وڃڻي آهي،
مان پانيان ٿو هر ملحد کي
تنهنجي وحدت مڃڻي آهي؛
شيءِ جو شيءِ سان ناتو آهي،
ڪائنات ۾ هر خوشبوءَ جو
چڻ ڪنهن ليءِ سان ناتو آهي؛
واريءَ تي جو ڪوڏُ پيو آ
اُن ۾ سمنڊُ سمايل آهي،
سمنڊُ جو مون جڳن گهايل آهي،
سمنڊُ جو مون جڳن گهايل آهي.

چنڊ ستارا راهُون آهن
منهنجون عبادت گاهُون آهن
تون تہ چوين ٿو ملحد آهيان،
ڪائنات جو چپو چپو
مون لئہ مسجد وانگر آهي،
۽ ماڻهوءَ جي دل مون لئہ آ
جامع مسجد وانگر—
ڪلهہ ڪان مان ۽ فيض اُنهيءَ ۾
پهرينءَ صف ۾ آهيون،
ساڳيءَ صف ۾
بُلي شاهہ، ٻئائيءَ پارا
ڪيئي مُلحد آهن،
ڪيئي مُلحد آهن.

سب اِڪّو رنگ ڪَپاهين دا
(بلي شاهہ)

............

پيا ٻــــ انوکا اوڇڻ اوڙهن
رنگ مگــر گوسائينءَ جــو
ٻلـي يــــارَ آرائينءَ جــو؛

انت پتائـــيءَ بحر آهوئــــي
جيڪو سچّل سائينءَ جــو،
ٻلـي يــــارَ آرائينءَ جــو؛

ڪئن تــو اي پنجاب ورسايو
ايـڏو نينهن نهائينءَ جـــو،
ٻلـي يـــار آرائينءَ جـــو!

فقره جوڙڪي خوب درست ڪيتا، جيها قل گلاب
دا توڙيا اي
(وارث شاهه)

............

دُرست فقــرا ايندا آهـــن،
وارث! دُرست نہ ٿيندا آهن.
گـُل گـُلابي ٿـوڙي ڪوئي
مـون کي اِئـن آچيندو آهـي،
پنهنجا چـَپ چـُمي ۽ ويڙهي
چڱ هـو مون کي ڏيندو آهي.
دُرست فقــرا ايندا آهـــن
وارث! دُرست نہ ٿيندا آهن.
شعر بــہ بارش وانگر آهــي
بـادلَ کنهن نيپوڙيا آهـن؟
پنهنجو پـاڻ جـُڙي ويـا آهن
مون جي شعر بہ جوڙيا آهن.

مٺن پيي چاڻان جهوڪ رانجهن دي،
نال ميري ڪوئي چاڙي
(ماڌولال حسين)

............

ڪوئي نہ مون سان هلّي!

آءُ اڪيلو، پنڌ پري آ
ڳاٽ نہ ڪنهن جو ڳنّي!
ڪوئي تہ مون سان هلّي!

جهنڱ ڦنڱ جهڙيون ڳالهڙيون ڪي
جيءُ پيو ٿو جلّي!
ڪوئي تہ مون سان هلّي!

جو ڪجهہ ڪنهن بہ نہ ڳاتو آهي
گونج آنهيءَ جي ڳلّي،
ڪوئي تہ مون سان هلّي!

سرّ تہ مون وٽ سهسين آهن
سُور تہ ڪوئي سلّي!
ڪوئي تہ مون سان هلّي!

پريت پريو آ جنهن پيالي ڪي
اوت نہ مون ڪان آلّي!
ڪوئي تہ مون سان هلّي!

پٽ تي پير نه ورتا آهن
ڏينهن لهي پيو پلّي،
ڪوئي ته مون سان هلّي!

ماڏو لال حسين ملي ويو
دڳ تي ٻلّي ٻلّي!
ڪوئي ته مون سان هلّي!

چورَ پَوَنَ راتين گهَرَ سَتيان دِي، ديکو دِنَيِ
بزار وِچ مَٿي آن مَٿَن.
(وارث شاهه)

...........

تون مان ڏينهن ڏٺي جو وارث
وِچّ بزار مٿاسين،
توڙي ڪِنَ پر اکّ نہ لاتي
پوءِ بہ يار مٿاسين،
پنج۔ ندَ جي لهر لهر تي،
سنڌوءَ ڌارَ مٿاسين،
وِچّ نديءَ ۾ ڪنهن سُهڻيءَ لئہ
ٻَڌي ميهارَ مٿاسين،
اجّ بہ آ درياهہ اڳي جئن
تارئون تار مٿاسين،
ڀيو نہ ٿيو پر هيِي رانجهوءَ جهڙي
هيِرَ وِسارَ مٿاسين،
ڪوڙي جَڳَ جا ڪوڙا ياڪَر
پيار نہ پيارَ مٿاسين،
منهنجا يارَ مٿاسين،
وارئون وارَ مٿاسين
وچّ بزار مٿاسين!

تيري عشق نچايا ڪَر ٿَئيا ٿئيا
(بُلي شاهه)

............

بُلا ڀئيا !
توکي مون کي
عشق نچايو ٿئيا ٿئيا !

تنهنجي منهنجي هيءَ ڌرتي آ
سڀ جي سنڌو مَئيا،
ڀَئيا !
عشق نچايو ٿئيا ٿئيا !

حال ٿيو پنجاب جو کهڙو *
کهڙي بپتا پئي آ؟
ڀئيا !
عشق نچايو ٿئيا ٿئيا !

سنڌ نه جاڻي ٿي نفرت مان
سنڌ محبت ڪئي آ،
ڀئيا !
عشق نچايو ٿئيا ٿئيا !

---

* در کُلا حشر عذاب دا
بُرا حال هويا پنجاب دا
(بُلي شاهه)

مُرڪ وير وڏائڻ وارا
مَتّ اُنهن جي وڏي آ،
پڙيا !
عشق نچايو ٿيا ٿيا.

رت بدلي آ
باک ڦٽيءَ جا
رنگ نچن ٿا
رڳ رڳ ۾ رت ٿهڪي ٿو
چاٻين جي ڇلي جئن منهنجا
انگ نچن ٿا
رُت ته ڄڻ ڪا ڪُنجي آهي
آزاديءَ جي دروازي جي
جا مون ڳولي لڌي آهي!

پنهنجا چپ چمين سان پياري
پيالن جئن تمثار ڪري ڇڏ،
پوءِ وقت نه وڙو آهي.

منڊ انارن جي آئي آ
جو ڪرڙو ٿي پيار ڪري ڇڏ
پوءِ وقت نه وڙو آهي.

هٿ اچن جي هر ڪي تو ڏي
تن کي تون گلنار ڪري ڇڏ
پوءِ وقت نه وڙو آهي.

عشق نه چاڙي مجبوريءَ مان
تون ان کي مختار ڪري ڇڏ،
پوءِ وقت نه وڙو آهي.

ڪالهه ٽڙيل هُئي
گولاڙن جي گلڙن وانگر،
منهنجي ڪَوتا،
اَڄ“ ايئن مُرجهايل ڇو آ؟
مان پانيان ٿو گُلڙن وانگر
ڪَوتا لاءِ بہ اَس“ ڇڳي آ،
هائو، ڪاري اَس“ ڇڳي آ.

تن من ميرا پُرزي پُرزي جيو ن درزي دي ليران هُو.
(سلطان باهو)

............

اهڙو وقت بہ ايندو آهي
جو ماڌهوءَ جو تن من ”باهو“
پرزا پرزا ٿيندو آهي
ڪنهن درزيءَ جي ليڙن وانگر۔

مون بہ تہ اهڙو وقت ڏٺو آ
ڏاڍ ڏسي جڳ سهمي ويو آ،
ڌرتيءَ تي انسان ڦرن ٿا
ماڪوڙن جئن، ڪيڙن وانگر۔

آنڌ آلوليون اُٿن ماٺي تي
پانءَ تہ پنءَ تي پتنگ نہ پوندو،
شال اچي گهنگهور گهٽا ڪا
اوت ڪري اوهيڙن وانگر۔

رات، سراءِ، پٽين تي ٽنگيل
فانوسا دونهاٽيل آهن
۽ دونهين ۾ ڪيئي دانهون
ٻوساٽيل ٻوساٽيل آهن
اڻ ڄاتل مهمانن جون، جي
راتو رات سفر تي نڪتا.

هي شيشن تي تن جا چهرا
ڏنڏلايل ڏنڏلايل آهن
هو جي پنهنجا گهوڙا پي ويا
جن جا گهاوَ ڇپايل آهن،
هو جي مُرڪ چپن تي آڻي
راتو رات سفر تي نڪتا.

لاٿل ڪَپڙا ايئن ڪَتن تي
آڏيءَ جو آڇلايل آهن
ڄڻ ته اچانڪ تن تي حملو
ٿيڻو آ، گهٻرايل آهن،
هو جي نيڻ ننڊ نهوڙي
راتو رات سفر تي نڪتا.

ڄڻ ته بکايل ڪوئن وانگر
شهتيرن کي پَلَ ڪُترن ٿا

ڪَٽڻ ۾ ڪيئي ڪوُئا آهي
زنجيرن کي پل ڪُترن ٿا
روءُ اُنهن لئه، جيڪي پڇندي
راتو رات سفر تي نڪتا.

منهنجا ساٿي!
مون تي اِئن ويچار نه مڙهه تون
جئن بلبل کي
ڪوئي پيٽي وجهندو آهي،
منهنجو شعر عقاب جيان آ
جيڪو جهٽپ چڱيءَ پر ڇاڙي
پاڻ ئي پنهنجي
ٻڪ مٿائي سگهندو آهي.

## قبرستان ۾ ڳالهائن ٿا

هي ڦاسيءَ تي چاڙهيل آهي
هي اُن جو چاڙهيندڙ آهي-

ڇا ٻيو ڪوئي ايندڙ آهي؟

ها، ها ڪيئي اڇتا آهن
ڏاڍا ميڙا مڇٽا آهن؛

جڳ جي ڪچيءَ آباديءَ ۾
لڏ پلاڻ لڳي پئي آهي؛
هُو سڀ پَٽ تي واجهائن ٿا
سڀ کي تاڻ لڳي پئي آهي؛

ڪنهن جو تختو نڪتل آهي
ڪنهن جو تخت وڃايل آهي،
مورڙيا ۽ مڇُ وڙهن ٿا
پاڻي رَتُ رلايل آهي؛

ڪن کي ماڙا ياد پون ٿا
۽ ڪي سون هٽايا آهن،
انگ اگهاڙا هي سوچن ٿا
اڄ ڪنهن انگ ڍڪايا آهن؟

لايون ڪوبه سجايو ناهي
سڀ ڪجهه مٽيءَ ۾ ورتو آ
ڇا ڪنهن ان تي سوچيو آهي
ڪيسين ڌرتيءَ تي ڌرڻو آ!

شينهن مري چنگهاڙ ڇڏي ويا
هر لومڙ کي مرڻو آهي
هر ڪتي کي مرڻو آهي
هر رومڙ کي مرڻو آهي؛

پنهنجو پنهنجو وڙ هر ڪنهن جو
هر ڪنهن وڙ کي مرڻو ناهي
تارازيءَ ۾ تور ته ٿيندي
پر هر ڪنهن کي ڊرڻو ناهي؛

جن کي ڊاڍو سيءُ ٿئي ٿو
لوئيءَ لئه سي واجهائن ٿا
قبرستان ۾ ڳالهائن ٿا.

اڄ تہ سيتار ائين ترڪي ٿي
آن ۾ منهنجي دل جي ڪائي
چڻ ڀڃيڙا آ،
ناڪاري آفاق، آنهيءَ ۾ هاڻوڪاري ڇا آ؟
اڳتي ڇاهي؟
ڪيئن چوان مان موت اڌوري نهڪر آهي،
پورو دم آ، اڌ دم آهي!
ڇا هي رستو ڪنڊو ناهي؟
ڪڏهن منجهان ڇا ڪڇڻو ناهي؟
نادُ نئون ڪو وڃڻو ناهي؟
اڳتي، اڳتي ياترين کي وڃڻو ناهي؟
اڳتي، اڳتي، هنگلاج ڪان اڳتي ڪائي منزل آهي؟
جو ڳيئڙن کي جا دل آهي
آن ۾ کهڙا سنسا آهن؟
آن ۾ ڪيڏا سنسا آهن!

هي ڀِتِّي جي ڀِتِّ، آنهيءَ ۾
ساري دنيا ڪنهن ٻوڙي آ؟
غزلن جا ديوان هوا ۾
پنو پنو ٿي پکڙيل آهن؛
چنڊ نديءَ ۾ ورتڙيل آهي
لهر لهر چڻ ڪاتيءَ وانگر
آن کي چيهڙ ڏئي گذري ٿي،
سَچُّ ڏيئي جو ڪالڪ آهي،
ڪُوڙ ڏيئي ۾ جهلڪا ڏي ٿو
ٻئجي وَٽِ ٻري ٿو؛
اُلّوُ اڄ ته چڪورن وانگر
چنڊ جا داعي آهن:
لائي ڪا سجائي ناهي
ڦاسيءَ جي رسيءَ کي هاڻي
ڪير ٻڌائي گل جي ڳاني؟
پنديءَ ۾ پاروٿي ماني
سڀئي سيڪي کائو يارو
هائو يارو
جي چيخي ٿو چِتِّ، آنهيءَ ۾
ڪا ڀِتِّي جي ڀِتِّ ته آهي!
ڪا ڀِتِّي جي ڀِتِّ ته آهي!

ڌُنڌا منڌا ڏينهن لنگهن ٿا
لَٽ لَٽ ڪَن ٿا،
تن کي ڪوبہ سهارو ناهي.
اونهاري جو ڏينهن ٻري ٿو،
ترتي چڙ تہ ٽٽيءَ جئن آهي
جنهن ۾ سڀ کي سيڄ تري ٿو؛
ماڻهو پنهنجن ڪُنڊُن اندر
لِڪِي ويٺا آهن؛
ٻاهر چيٿا ڦيرا ڪن ٿا
ايندي ويندي هر ساهيءَ کي
ٻيرا ٻيرا ڪن ٿا؛
ڌُنڌا منڌا ڏينهن لنگهن ٿا
چيٿا تن کي ڪونہ ڪنگهن ٿا
تن تي مارو ناهي،
چوتہ سگهارا ڏينهن مري ويا،
اڄ تن جي چنگهاڙ نہ آهي
هوُ ڪالهوڪا شينهن مري ويا.

جهلملائيندڙ ڪراچي!
روشنيءَ جا گيت ڳائيندڙ ڪراچي!
اڄ به مون لاءِ اوپري ناهين ڪراچي!
سنڌ جي آهين ڪراچي!
اڄ به مان
تنهنجي رستن کي منڊيءَ جئن چڱ ته پورو ٿو اچان!
اڳ گرومندر ڪان ٿورو اڳيرو ويندي هئينءَ
شام جو ڪيئي ڏيلا ٿهه ٿهه ڪندا نيندي هئينءَ،
ڪويلين جي ڪوڪ ڏي جي ڏيان ويندو هو ڪڏهن،
چنڊ ايندو هو نظر آڪاس ۾ ويندو تڏهن،
۽ ڪڏهن تارا هوا ۾ جگنوئن جئن جگمگائيندا هيا
پير منهنجا ڊگمگائيندا هيا،
عـامليائين جــي پنيان ــــ
اڄ به مان
تن کي ساري تن جي خوشبوءِ ۾ وڃان ٿو ويڙهجي،
ڪوڪ ڪويل جي ٻڌان ٿو تن جي جادوءَ ۾
وڃان ٿو ويڙهجي،
تنهنجو لالو ڪيمت، اورنگي بـه مون لاءِ اجنبي
نـاهـن ڪنـوار!
مون رنو هو زار زار
ٽانٽياٽوپي جـڏهن ڦاهي چڙهـي مـردانهوار
ڪالهه رستيءَ ۾ لنڊيو بي اختيار
مون ڇٿهيا ها پير ان جا بار بار؛
ڪاش هن جا هم وطن
اينـرو سمجهـي سگهن

ڪيئن آزادي ملي؟
ڪير ها ورتي هٿ جن
شاهراهن ڪي ڇڏي سوڙهي گهٽين ۾
اڄ به مان هي ٿو چوان
ڪاش، ٽيپوءَ جئن مران!
ڪو به ڏکن ڪان ڪراچيءَ ۾ اچي
ان ڪري مون لاءِ ناهي اجنبي؛
هيت به آهن تنهنجي اوچن بنگلن
مير صادق وانگيان ننگ وطن،
پاڻ سان غدّار آهن
زندگيءَ جي هار آهن،
تن ڪي ڪيئي نوڪريون ۽ ڪيئي ڪاروبار آهن
پو به ڪجهه ناهي وٽن،
جي نه آ مٽي ته پو ڪهڙو ڪفن!
تون پلي ڪشمير کان ڪارو منڊل تائين لڳين
منهنجي دل ۾ ٿي وسين؛
تون سچي تاريخ آهين
ڌرتيءَ جي چيخ آهين
دل ڏڪائيندڙ ڪراچي!
جهلملائيندڙ ڪراچي!
اڄ به مان
تنهنجي رستن ڪي منديءَ جئن چڙ ته پورو ٿو اچان!

## فقيرو هڪ مزور

شام لٿي، چمني جو دونهون
آسمان ۾ نيرو آهي.

سانجهي گهايل پنڇي وانگر
رت ٽمائيندڙ آڏري ٿي،
آسمان ۾ نيرو دونهون
دور هٽائيندڙ آڏري ٿي.

مل منجهان مزدور اچن ٿا
تن جا منهن مرجهايل آهن
ٽڪ آنهن تي ٽنيڻ وانگر
چيڪيل آهن، هيٺيل آهن

سستي مند چڪي لٿم آهن
لياري منجهه لياڪا تن جا-
رڪشائن جو شور، آنهي ۾
پيئڻ ڪان پو واڪا تن جا.

ڏس هي هڪ هزارن جهڙو
آهن ڀول آگهاڙا جنهن جا
جنهن جو اندر ليڙون ليڙون
ٻاهر غل غپاڙا جنهن جا

مُنهن تہ مُترڪي وانگر هن جو
نانءُ مُٺيرو ٺيرو آهي،
اڙ دنيا جو حاڪم آ، پر
تو وٽ پو بہ فقيرو آهي.

تون بہ نياڻَ جي پر تي وڻ آن
پاڻـــيءَ ۾ پنهنجي پاڇـــيءَ سان
جنهن جـــو وهانءُ ٿيل آهـــي؛
پانيان ٿو تون
پنهنجي ذات کان ٻاهر لهرون
اِيئن ڏسين ٿو
چڻ سوچين ٿو،
”آءٌ تہ وڻ هان، لهرون ناهيان،
”هي ڪافي آ، آءٌ اُنهن تي ڇانوَ ڪيان ٿو“

هِيءَ سڪّر جو اونهارو —
ننگ ڏڙنگ مُهاڙي وانگر
سِنڌوءَ تي سِڄُ آيري ٿو،
آن جي چار مان ڪيئي ڪرڻا
چار ڪي ڦاڙي نڪرن ٿا
ڇڙ ساري سنسار ڪي ڦاڙي نڪرن ٿا.

پينگر رات مگر تون ڳائين
سارنگيءَ تـــي تـَنـُ پيرُ وُ !
تون ئي چـَوُ !
سارو ديس ڀـــري ٿو، تو کي
ڀـو ڀـ نـ آيو ڪوئي تـَوُ !
تون ئي چـَوُ !
روز ڪـِرن ٿا ڪـَنـَڌ آڏيءَ تان
تو کي ڪو کهڪاءُ نـ ڪـَوُ !
تون ئي چـَوُ !
روڳي راڳي ڇـا جـي آهين
سـَوَ ۾ هـِڪ يا هـِڪ ۾ سـَوُ !
تون ئي چـَوُ !
ڪٿن نـ ڪيان مان تومان پـَوُ ؟
تون ئي چـَوُ ! تون ئي چـَوُ !
تون ئي چـَوُ !

زخمي تـر
وانگر خبـر
ڦڙ ڦڙ ڪئي،
ڇڻپٽي وئي؛
فـرزند تنهنجو فرانس ۾
ماريو ويـو
۽ ٻيءَ جئن واريو ويو
ڇاجي مٿان؟
ڇاجي مٿان؟
تون ماءُ آن
تون ماءُ آن
سوچان پيو توکان پڇان
پرڪئن پُڇان؟
پرڪئن پُڇان؟
پرڪئن پُڇان؟ ؟ ؟....

ٻاهر ڪيڏي ور لهه وسي ٿي
۽ هو اندر سگري ٻاري
وينا آهن،
هٿ هٿن ۾ تن جا آهن-
اڳرن آگ جياپو آهي،
ڪوسا آهن،
سوگها آهن!
ٻاهر ڪيڏي ور لهه وسي ٿي
پڻ رڙهن ٿا اڻن رستن تي
جڻ طوفان اچي ويو آهي،
بجليءَ ٿنيا
چڻ ته آچنيا؛
پرتان ڪنهن جي چاپ آچي ٿي؟
رستا رولاڪڙ گهولن ٿا
(جي جيون جي جڙ گهولن ٿا)
توڙي ڪوئي راهي ڪونهي!
ڪوئي اوهي واهي ڪونهي!

چپا سُر راڳو مٺي آهي؟
چپا ڪوهياري مٺي آهي؟
آءٌ پنهنجيءَ لاءِ پُڇان ٿو—
پيٽ ته ساري مٺي آهي؛

هر دکياري مٺي آهي،
سچ لڳي ڪي سمنڊ وانگر
پو ڇو هرڪنهن ڪونه ڏٺو هو؟
(پنهونءَ پچائان سچ هيو يا
ڪوئي گهرو گهاءُ ڦٽو هو!)

مٽ ته مٺي آهي موڙها
ڏيئي لاٽ ته مٺي ناهي،
درشن جيڪو دور نٿين ٿو
تنهن جي واٽ ته مٺي ناهي!
ساري جاٽ ته مٺي ناهي!

ٽوڙي تارا مٺي آهن
ٽن جي ٽم ٽم مٺي ناهي،
دور اُفق مان روشنين جي
ٽوٽي رم جهم مٺي ناهي.

راهب ڪوڙ ڪمائن ويٺا
ڪيڏا ڪوڙ ڪليسا آهي
پو به صليب تي رَتُ ۾ رانيل
گهرو گهاٽُ ته مٺي ناهي!

هُو جي سُپنن ۾ سَو چهرا
رات لڙيءَ جو ايندا آهن،
چِتَ اندر جو چَؤنرو آهي
تنهن ۾ پريت ونڊيندا آهن

نند - نگر جا سي سڀ راهي
ڇا ڪنهن مٺيءَ جوڙيا آهن
۽ پوءِ تن سان تنهنجا ناتا
تنهنجيءَ جاڳ جهنجهوڙيا آهن؟

مِٺيءَ لاءِ مِترتا تنهنجي
ڇو تہ ڪليسا ڪُوڙي آهي!
هي تنهنجو آدرش آڀرا
ڪيڏي ڪچي ڇُوڙي آهي!

ڪالهہ جڏهن طوفان لڳو هو
وڄ ڪري هئي، ڏار ٽٽا ها
آ ڪيرن آڏار ٽٽا ها،
ڏاڍو ڏور آڏاري ڪاڏي
سَرتِي! پنهنجي واٽ وٺي تو—
اڄ ڀيهر مد مست لڳي ٿو
توکي پاڻهي،
تنهنجي ڪُلهي تي ڪنڌ جهڪائي
تنهنجي ڳچيءَ تي چَپ رکي ٿو
پيار، جو منهنجو پيار نہ آهي.

* آءُ ڪئناسي مونڊو ناهيان؛
پوءِ به لڳي ٿو منهنجو مقدّر
هن جهڙي تنهائي آهي،
منهنجي گهريي ڪنهن ڪِرڻي جي
ڇاتيءَ منجهه ڇُپائي ٻڙڇي
شام اچانڪ آئي آهي.

---

* ڪئناسي مونڊو – اطالوي شاعر، جنهن جي هيٺئين شعر ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي–
”هرڪوئي ڌرتيءَ جي دل تي اڪيلو آهي
۽ هن ۾ ڪوئي سِج جو ڪرڻو چُڀي چڪو آهي
۽ اوچتو شام ٿي وئي آهي“

٥

موت اچي تو ميخاني ۾،
تاڙي ٿو
ڪوئي ڪنڌ نه لاڙي ٿو.

ٻاهر پنهنجا ٻرد سڀاڙي
واڙي ٿو،
ڪوئي ڪنڌ نه لاڙي ٿو.

ڪوئي پنهنجي پيماني ۾
مُرڪي ٿو
ڪوئي گهوڙها ڳاڙي ٿو،
ڪوئي ڪنڌ نه لاڙي ٿو.

ڪوبه نه هُن کان بچڻو ناهي
سڀ کان قرض اُگاڙي ٿو،
ڪوئي ڪنڌ نه لاڙي ٿو.

رَنگ هجي يا راڳ، اچانڪ
سڀ کي موت پڇاڙي ٿو
ڪوئي ڪنڌ نه لاڙي ٿو.

---

* ٻرد — ڍور، ڏاند

گجيچ ڳهر مان جا گجيا آهن
لَڳيءَ ڪيڏي متواري آهي!
چڙهه سنڌوءَ جي ڏائي ڪَپ تي
سائي سرنهن ڦلاري آهي.

ڪيڏي آ هنڪار هَوا ۾!
توڙي سَو پرمار هوا ۾
ڪويل ڪوڪ ڪَناريءَ وانگر
آپري آ بهار هوا ۾؛

سج جنهن لاڏيءَ جو ٻينو
دور پهاڙين تي نڪتو آ!

ڪوريا، ٻـَرِلن
ڇا ڇا کي تقسيم ڪيو ويو آهي!
ماڻهوءَ جو مقسوم ٻه ساڳيو
ٻـُڪ ٻه ساڳي، ڏُک ٻه ساڳيا!
پيار ٻه ساڳيو، پياس ٻه ساڳي
سيرانديءَ سان سـُک ٻه ساڳيا!
هر ماڻهوءَ کي مرڻو آهـــي
موت ٻه ساڳو مات ٻه ساڳي!
مـَدرا پيئڻ پرک ٻـه ساڳي
ماڻهوءَ جي مـَرجات ٻه ساڳي!
ماڻهو پو ٻه ورهايل توڙي
ڏيهه ٻه ساڳيا، ذات ٻه ساڳي!
ســَنڌا سيڙها هــن ڌرتيءَ جا
لوڙهي تــي برسات ٻه ساڳي.
مـُک ـ وچن پر ڪنهن ٻه ڪـَويءَ جا
مـُنهنجيءَ ڪوتا جهڙا ناهن!
آهه اڪيلو هان ڌرتيءَ تــي
ٻون جئن ڪنهن جا سـَپنا ناهن!

---

مـَدرا ـ شراب

جـَل ٿل جا جذبات لڳي ٿي
ڇاتيءَ منجهہ ڇـُپائڻ گهرجي.

ڇـُرندڙ پـُرندڙ لاش وطن جي
گليءَ گليءَ ۾ ڪيڏا آهن!
انــڌا، گونگا، ٻــوڙا مــاڻهو
هـي جــي مـنهنجا جيڏا آهن،
تن جي پرک پريان ٿي پٽري
تن کان لعل لڪائڻ گهرجي.

مون کي پويون لفظ صديءَ کي
ڏاهـــپ وارو ڏيٺو آهـــي
عـُمر سڄي جو مون چاهيو آ
آنـت اُٿين ٿــي ٿيٺو آهـــي
ٻيهــر ٻــاڦي ٻــاڦ اجــايــو
ڳجـّيءَ ڳـتـُ نہ پائڻ گهرجي

اڄ ڪنهن جي منصور ٿيڻ سان
ڪوئي فرق نـہ پوڏو آهــي
موڙها! منهنجي مام نہ سمجهيئہ
مون تہ ڇيو جو ڇـوڏو آهي
ڳـجهـہ ڳـُجهاندر کي مدرا ٻـِي
وِڇ نہ اڄ ورجائڻ گهرجي.



سورج - پٽر وانگر منهنجا
ٻول ٻرن ٿا
شيشي-گهر جا سڀ دروازا
ڪِرچون ڪِرچون پڪڙيل آهن،
ٽوڙي رتو رتُ پير آپا جهان،
پو به وڌن ٿا!
سورج - پٽر سان اڄ ڇا ڇا
مون کي ڏاهڻو آهي؟
شهر سڄوئي شيشي-گهر آ
سورج - پٽر سان هر گهر تي
مون کي ڪاهڻو آهي،
پل نہ پيو پو مون تي باهہ
جنهن کي باهڻو آهي—
هي جي شيشي جا دروازا
ڪِرچو ن ڪِرچون پڪڙيل آهن
مون ئي ڏاٺا آهن،
هر گهر جي دروازي تائين
منهنجا پيرا آهن،
هي جي شيشا آهن
مون ئي ڦوڙيا آهن،
مون ئي ٽوڙيا آهن،
مون ئي ٽوڙيا آهن.

پيار پکيءَ جئن ايندو آهي
آکيرو ٻه اڏيندو آهي،
روهه مٿان روها کيءَ وانگر
پو ٻه اُڏامي ويندو آهي؛

ڏيهي آهي وهڪ نديءَ جي
ونجهه ٺيڏيرا ساهه کڻن ٿا،
پٽڻ مٿان ٻاچاوان مون کي
سيجَ لٽي جا ڪونه وڻن ٿا.

ڪونجن جي ڪُٽڪار ڪَچي ۾ —
هَيءَ هَيءَ جيءُ جهڄي پيو آهي
اڄ جو ڪو ڪَرلاهُو ڪونهي
منهنجو هيانءُ هڄي پيو آهي.

پَٽ تي پير ورن ٿا منهنجا
ريت رات جي گهيري ۾ آ
تارن جي ٽم ٽم جئن منهنجي
آشا گهور انڌيري ۾ آ

---

* ڪَرلاهو- خبر رکندڙ همدرد

پيار به ڏيئي وانگر جرڪي
نيٺ اُجهامي وڃڻو آهي،
آ ڪيرا اَن لاءِ آجايا
ڇو ته اُڏامي وڃڻو آهي.

## ڪاري

سمنڊ ـ ڦيڻ جئن ڪيت ڪيت جون
ڦڻيون هوا ۾ لهرائن ٿيون؛
ڳاڙهيون ڳوٺاڻيون ڳائن ٿيون
ڪاري ڳنهنجي جهول ڀري ٿي،
واهُ اُنهيءَ جا وارَ ڪنڊيري
سينڌ۾ي وانگر ڳڪ وجهي ٿو؛
گهگهو ڊگهيري
ڍاڪَ ڍڪي ٿي؛
ڇڻ ته ڏڪي ٿي،
ڇيلهه لئي جي ٿاريءَ وانگر
لچڪائي ٿي،
آڏيءَ اک سان ڪجهه ته ڏسي ٿي
گهٻرائي ٿي
(سچ ائين تو ٿرٿر ڪنبي
ڄڻ اُن ڪوئي ڏوهه ڪيو آ)
ڀنڙن ۾ ڀڄتاوَ لڏن ٿا
هرهر هُن جا ڪن ڀُرن ٿا ـ
”آهُ هلي آ، ويجهو آهيان
”تنهنجو ٻاروچو ٻوڙن ۾!
”تنهنجو من جو مُوڙهل آهي

"وچڙيل آهي واچوڙن ۾
"مُنهنجيءَ ڇاتيءَ منجهه ڇُپي اڄ
"ڏِرُ پائي ٿائينڪو ٿيندو
"جئن جئن دل جي دڪ دڪ وڌندي
"تئن تئن من سانتيڪو ٿيندو."

هي جو رڻ آ
جنهن جي واٽ اُجايل آهي
پاڻيارين جي پياس جيان،
آهي منهنجيءَ آس جيان؛
ميگهه رُسي ويو آهي اُن کان
ڄڻ مُنهنجي وشواس جيان،
آ هرڪو آدرش آورتو
ڌرتيءَ تي آڪاس جيان،
هي جو رڻ آ
جنهن جي واٽ اُجايل آهي
منهنجي تارونءَ تاس جيان،
وڇون نه اُن تي ورڻيون آهن
وڇون نه ڇرڪيل هرڻيون آهن،
گگن منڊل ۾ گجگوڙن جي
هاڻي مون کي آس نه آهي
آس نه آهي
آس نه آهي

منهنجو مـــن هيڪلڙو پنڇـــي
آڏري اُڏري ٿڪجـي پيو آ؛
منهنجو مــن اِئــن هيڪلڙو آ
ڄڻ آڪاس ۾ ڪوئي تــارو
ڪاري جهـڙ ۾ رهجي ويو آ؛
منهنجو مـــن هيڪلـڙو ڏيئــو
جنهن کي ســـدّ ڏياريءَ جيءَ پر
واچوڙي ۾ وچڙي ويـــو آ:
مون من ڪـرُڏا ساگر وانگر
جنهن ۾ منهنجا ڪـــارا آنسو
ڄ ٽپڪن ٿا،
مُنهنجا نيڻ اگر جهپڪن ٿا
مُنهنجي ڌرتـــي انڌياري ۾
ويڙهجي ويندي؛
مـــان ئي هـــان هيڪلڙو پنڇي
مان ئي هان تاري جـــو ليئو
مان ئي هان ڏونگر تي ڏيئو،
مون کان پوءِ اُڏارون کهڙيون
اونڌهه جـــا اوتارا هـــوندا ـــــ

روڪ جي روڪي سگهين!
سڏ ڪي ڪي هڏ ناهن
جو آهي ڏوڙي سگهين!
آءُ جو آواز آهيان
زندگيءَ جو راز آهيان
ٿو وڃان مان دور تائين
موڙ جي موڙي سگهين!
وقت، جو درياهه آهي
روز و شب پائي رهيو آ—
پير پنهنجا ڪوڙ جي ڪوڙي سگهين!
ڪنهن مٿان بندوق تائين ٿو مٿان؟
ڇا نه چاڙهين ٿو ميان
سڄ تنهنجي وس نه آهي
ڏاءُ تنهنجي وس نه آهي
واءُ تنهنجي وس نه آهي
سوچ جو ڦهلاءُ تنهنجي وس ۾ ناهي
وقت سرڪش آ ازل کان
سڙ اُنهيءَ جو ڦوڙ جي ڦوڙي سگهين!
ڇو نه سمجهين ٿو ايائا
ٿو پڇائا
پڻ ء نه پاڻا
وقت جيڪو زندگي آ
ها، آهوئي وقت تنهنجو موت آهي
تون آنهي ڪي

ڏوک جي ڏوکي سگهين !
روک جي روکي سگهين !
روک جي روکي سگهين !

ديس سڄي ۾ ڪُڪڙوڪُو آ
مائڪرفون تي پوه ٻه آهن
ڳـاٿُ ڪٿـي ڳالهائڻ وارا
ڪَـڪا وار لسائڻ وارا
ڪُوڙَ ڪَسنبو کـائڻ وارا!
ڪُڙهه ۾ ايڏا خچر آهن
سَئس ٻه ان تي حيران آهي!

گهڙيال وڳو
يـا وقت يڳو
روپوش ڏوهاريءَ وانگـر
انڌيــرَ نگــرُ
سنسان ڊگـرُ
مستقبــل اواريءَ وانگــر
اي خوشبوئو!
آ ذرتي چــو
ڪنهن ڪڪيءَ ڪاريءَ وانگر
اي آدرشــو !
ڪنهن وقت اچو
مون لاءِ بهاريءَ وانگر!
اي آدرشــو!
اي آدرشــو!

## خواب هجن آزاد ته ٻيو ڇا گهرجي!

خواب اسان جا جنگي قيدي
جن تي فاتح ٺوڪارن ٿا
پنهنجن پيرن ۾ ڪيرائي
تلوارن سان للڪارن ٿا

خواب اسان جا ويرانين ۾
طوفانن جي شور جيان ها
ديس سڄي جي دل ۾، آن جي
ارمانن جي شور جيان ها

هاڻ ته هن ڌرتيءَ تي سڀ ڪان
خواب وڏا ڏوهاري آهن
آزاديءَ جا خواب، انهن تي
ٻنڌ اڳي کان ڀاري آهن

بيوس خواب، اکين ۾ تن جي
ڪيڏي زهر ڀري پٽي آهي!
پر هي تن جي ڇڻنگ، انهيءَ مان
ڀيهر باهه ڀري پٽي آهي.

ڪا منزل ڏيکاري ڏي ٿي
ڪو ڏورانهون ڏسُ مليو آ
واري ڇڻ دلداري ڏي ٿي
گوندر کي ڪو گسُ مليو آ

جي چوڌاري نعرو گونجي
'ڌرتي زنده باد' پيو ڇا گهرجي!
خواب هجن آزاد تہ پيو ڇا گهرجي!

مِرت لوڪ ۾ سڀ ڪجهه آهي
ديوَ لوڪ ۾ ڇا هي!

مِرت لوڪ ۾ نَئِنَ ڪتوريون
مدرا رس ڇلڪائڻ واريون
پورڻ سمه جو سانوريون ناريون
نيرُ پري مَن پائڻ واريون

سُپنن جي بازار لڳي آ
ميلو آ ويسا کيءَ جو چٽُ
موڙَ موڙَ تي سوَ مَڌوَنتيون
منُ ما ڪارو ما کيءَ جو چٽُ

نند پريون نوُورنيون ڪيئي
جن جي مَهڪ هوائن ۾ آ،
تن جي پکڙ نه لکّ، ته ڪوئي
جهاتي چند گهٽائن ۾ آ

ساوڻ جي وسڪار ٿئي تي
جهڙ ۾ وِجُ جهپاٽا آهن
متوارن تي مينهن وسن ٿا
مد جا ماٺا گهاٽا آهن

---

مِرت لوڪ — موت جي دنيا
ديو لوڪ — ديوتائن جي دنيا

مِرت لـوڪ ۾ ماڻهو ماڻهو
پنـڌ ڪندي پاپوهيل آهـي
ڪيئي کيل کِلونا، هـن جو
ٻارن جئن من موهيل آهـــي

ديوَ لوڪ ۾ دونهون آهـي
مِرت لوڪ آ دَرپَـن وانگر
جنهن جي سانت سُريلي آهي
چانڊوڪيءَ ۾ مڌوبن وانگـر

جنهن ۾ منهنجي ذات ڏهاڳڻ
ڪوڪـِي آهي ڪويـَلين جئن
مڌوبن جي پَن پَن ۾ منهنجي
دهڪي آهي دانهن دِلين جئن

مِرت لوڪ جا لُڙڪ اکين ۾
مــاڪ ڦـڙن جئن پيارا آهن
راتين جـي راتاهن تـي چڻ
پيچ پنيءَ جـا تـارا آهـــن

---

جِيوَنَ ڪيتر ۾ هر ڪاريءَ
جو ٻه هيو نشڪام، ڪيو مون
نيت ڪنول ـ ڪُٽيا ۾ من جي
موٽي ڪجھه وسرام ڪيو مون
ناسَوَنت هر وستو آهي
منهنجي ڪويتا ناهي.

---

ناسَوَنت ـ ناس ٿيندڙ

ڏ ڪڻ واءُ !
دامن مـــادر وانگر آءُ !

دور پرنـدن غـوُل هوا ۾
جن ڪي شام وڇوڙيو آهي،
ڏيرڀي ڏيرڀي اوندهه پنهنجو
ڪارو خيمو کوڙيو آهي.

چيناڻـــي فـانـوسن وانگر
دور ستارا ٽم ٽم ڪـن ٿا
منهنجي من جي اونداهي ۾
ڄڻ ڪي پيارا ٽم ٽم ڪن ٿا

منهنجا پير وڍيا آهن جـن
سي ڪاراڻن وانگـر رستا
ڪيڏو دور وڃڻ ٿـا اڳتي
سي ڪنڊن سان پُر پُر رستا

هي ڪنهن جي سرگوشي آهي
”موُنن پر تـــون ڪيسين
رڙهندين؟
”تو وٽ ڪو هٿيار نہ آهي
”پو بہ وڙهين ٿو! ڪيسين
وڙهندين؟“

ڏاڍو ڏور لڳي ٿي منزل
ڪيڏو پنڌ اڻانگو آهي!
سِرُ اهڙو ٻه اجايو ناهي
توڙي سِرَ جو سانگو ناهي!

هي سوداءُ !
دامنِ مادر وانگر آءُ !
ڏڪڻ واءُ !



او سپنا، سپني جا سپنا!



او سپنا، سپني جا سپنا !



جهومندڙ هوائن ۾
رات چام شوري جي
ڪنهن رباب وانگر آ؛
عمر اِئن اُڏامي ٿي
جڻ پکي پرن تي آ
وقت خواب وانگر آ.

بيهجي وَئي بارش
رات جي صراحيءَ ۾
چانڊني شراب آهي؛
مان ۽ منهنجي بي‌خوابي
تو جيان هوائن ۾
چنڊ محور خواب آهي.

ڪوئليون پيون ڪُوڪن
مُند آهه جهڙُ ڦڙ جي
آپ تي لُٽاڻ آهي؛
پيار پينگهه وانگر آ
چڙهه هوا جي جهوٽي تي
تنهنجو منهنجو ڳات آهي.

دل ڪي اِئن وڪوڙيو ٿي
چڙهه ته وَل چنبيليءَ جي
ڦهلجي وَئي آهي!
ڪيتري نه خوشبو آ
چڙهه ته رات ساوڻ جي
مست ٿي وَئي آهي!

مون ۾ قول چمپا جا
توڙي موڪليا آهن
تنهنجي تن بدن جهڙا،
قول تنهنجي ڇاتيءَ تي
وَنِّ واسَ ۾ آهن
موڪليل گُلن جهڙا.

شام جو ڪجل پائي
تنهنجون اکڙيون مون لئه
راهه تي نهارن ٿيون،
بادلن جي پاڇي ۾
ڪويلين جيان ڪوڪي
رات ڀر پڪارن ٿيون.

پيار ڪي پلين ٿي ڇو؟
ٻانوري چڪوري آهه
چانڊني ڪتڙي آهي!
آهه، رات جي راڻي
تو جيان ٽڙي آهي
تو جيان ٽڙي آهي!

آهه مُنهنَ-انڌيري ۾
تنهنجي در تي آيو هان
ٻهر پيار جو آيو آهي:
ننڊ تنهنجي اکڙين مان
مون چُمي ورتي آهي،
چنڊ واڱڙو آهي.

ساوا ڳؤنچ ليمي جا
چڻ نَوَن اُمنگن جئن
مينهن موريا آهن،
منهنجي سنگ ۾ سَرتي
تنهنجا انگ تِن وانگر
نينهن موريا آهن.

رات ڪُجهه پني آهي
واءُ ۾ نمي آهي
مينهن ڪُجهه پيو آهي؛
آهه ڪو مصوّر هان؟
چنڊ منهنجي در تي ڇو
بيهجي ويو آهي!

چاندني وسي ٿي پٽ‌ڻي
انب ۾ لڪل ڪوئل
سانت ٿي وڌي آهي،
مان اڃا سُتو ناهيان
ننڊ تہ جيان مون کان
اڄ رُسي وئي آهي.

جڻ گدامڙيءَ جو وڻ
آسمان جي هيٺان
چاندنيءَ ۾ وهنجي ٿو؛
رات پر سُتل طوطا
خواب ٻا ڏسن جيڪي
هي آنهن ۾ آڏري ٿو.

تون پري سُتل آهين
رات ڄڻ ته هرڻيءَ جان
دور آهه چشمي کان—
ويندي چنڊ ساڻون جو
تو ڏي مون ڏي گهوري ٿو
ڪيتريءَ نه حيرت مان!

سَروَ جي درختن کي
چاندني چُمي ٿي پَئي
چنڊ سون-وَرنو آ—
ڇانوَ ۾ ٻَبُر جي مان
چَپَن ٿو چُمان تنهنجا
ڏِندَ چام شورو آ.

توکي مون چميو آهي
تنهنجي جسم ۾ آهي
اڄ گلاب جي خوشبوء
روپ رنگ ۾ تنهنجي
انگ انگ ۾ تنهنجي
منهنجي خواب جي خوشبوء

توکي مون چميو آهي
تنهنجي جسم ۾ آهي
اڄ شراب جي خوشبوء
جو صديون چرکايو آ
آ رچي وئي تو ۾
اهڙي خواب جي خوشبوء

پيت توسان کهڙي آ
تون سوين سڳنڌون آن
گل - سڳنڌ ساڳي آ !
اي بسنت جئن جوڀن
تون هزار هٻڪارون
توڙي مُنڍ ساڳي آ.

انب ٻوکيا آهن
۽ ڪٿان جون ڪوئليون
باغ ۾ مڙيون آهن!
ڏِس بسنت جو جادو
تن جي ڪوڪ تي ڪيڏيون
اڄ ڪليون ٽڙيون آهن!

انبڙيون ٽيون آهن
ڏينهن ۾ ٽپت آهي
چيٽ جو مهينو آ:
ٽون ڪٿان اچين ٿي پکي
موتين جيان ٽو ٽي
پنڊ ۾ پسينو آ!

ڪونڙيءَ جي پڙل تان تون
ورچ سير ۾ گهوري
شام جو پکي سوچين،
'وقت سير وانگر آ
'عمر موٽڻي ناهي،'
ڇا اهو پکي سوچين!

اي آڏامندڙ پوپٽ!
ڇا تون منهنجي سرتيءَ جي
سنگ ۾ رهيو آهين؟
روپ جو پُڄاري آن
روز ڪنهن نئين گُل جي
رنگ ۾ رهيو آهين؟

جاڳَ ڇا ڏنو آهي؟
ننڊ هڪ پَرندو آ
ننڊ ئي ته لوچيو آ؛
ننڊ ۾ پُچن ٿا ٿَر
مورَ پچـّرا ڊاهي،
ڪنهن اهو به سوچيو آ!

تنهنجا هٿ چُمڻ کان پو
جڻ ٽڙي پيا آهن
مينهن ۾ گلابن جئن؛
ڪائنات گونجي ٿي
ڇا وڄي رهيو آهي
روح ۾ ربابن جئن!

چانڊني پکيڙين ٿي
ٽِلڪ تنهنجي ماٿي تي
چنڊ جئن ڪڙيل آهي؛
ڄڻ بسنت آيو آ
تنهنجو چمپئي جوڀن
ايترو ٽِڙيل آهي!

مون چيو ”تون خواب آهين“
تو چيو، ”ڇُهي ڏس تون
”ڪمخواب جئن آهيان؛
”تنهنجي ٻانهن جي تاريءَ
”تي تڙي پَئي آهيان،
”ڪنهن گُلاب جئن آهيان“

مون چيو، ”گُلِ بخمل
”ڇو ڏسي رهي آهين
”هي تہ تو جيان ناهي!
”تون هزار خوشبوئون
”هِن جو رنگ تو جهڙو
”بُو مگر ڪٿي آهي؟“

ماڪ جو ڪرشمو آ
رات رات ۾ مُکڙي
جڻ ڏِڙي پئي آهي؛
ٻات ٻات جڻ تنهنجي
ڪنهن سنار جئن پياري
اڄ چِڙي پئي آهي.

مون کي جئن چمين ٿي تون
تنهنجا چَپ شعلن جئن
منهنجا چَپ ٻارڻ ٿا،
تنهنجا پيار اي سَرتي
وارَ وارَ تي منهنجي
ڪائنات وارڻ ٿا.

نيٺ هي ڇڏي ويندا
ڇنڊ تہ ڳالھ جوانيءَ جا
منڊ ۾ ڇڙون پياري!
منڊ ڏي تہ سڀڪجھ آ
ڳالھڙيون وڃي رهنديون
انت منڊ جون پياري!

نيڻ نيرڙيون نهرون
وار ڀورڙا ناسي
روپ ڪڪ رنگ آهي،
ڪنهن سان پيار ٿي ويو آ؟
ڪنهن جي سنگ اڄ منهنجو
نينهن جو نِسنگ آهي؟

(المنظر هوٽل تي)

مان ۾ سکي تنهنجي
چاھ پي رهي آهي،
نيرڙي ٽپهري آ—
تنهنجي جيءَ ۾ جذبا
لهر لهر سنڌوءَ جئن،
سانت گهري گهري آ.

ٿارِ ٿارِ ٻانهن ۾
تون ءِ هيءَ سکي تنهنجي
چڙ ٻہ ڪويليون آهيون؛
ڏات منهنجي ورهين کان
انب جئن ڦلاريل آ،
دير سان مليون آهيون.

ڪونجڙيون پيون ڪَرڪن
تو جيان اُنهن جو ٻي
ڏور جو سفر آهي؛
رات چام شوري جي
بيشمار تارن سان
تنهنجي منتظر آهي.

ڪانوَ پنهنجا ڪانگيرا
ڇو ڇڏي اُڏاڻا ها
نيرڙيَ ته ڀريءَ ۾؟
ڪيتري نه ڪان ڪان هُئي
جا ٻُڌي وئي آهي
سانت گهري گهريءَ ۾.

نيري آڀَ جي هيٺان
نيرا ڦول سيمل جا
سونهن سان سِمن ٿا پيا،
روشنيءَ ۾ بجليءَ جي
تنهنجي نيري ساڙهيءَ تي
واءُ ۾ لڏن ٿا پيا!

ڪالهه مون سڪيءَ تنهنجيءَ
ڪي ڇڪي ڇِڻيءِ ورتي،
هُن چيو، ”پِڙلو آهين
”آءٌ هوءَ ڪانہ آهيان
”ڪئن چوان تہ اڄ تون ڇو
”پاڻ سان رُٺو آهين!“

تون بنارسي ساڙهيءَ
۾ ڦري رهي آهين
رنگ رنگ پوپٽ جئين؛
تون جا پاڻ گل آهين
پيار ۾ آڏامن ٿا
تنهنجا انگ پوپٽ جئين.

تون جا پاڻ گل آهين
تون جا پاڻ پوپٽ آن،
ڪير تو جيان چائي،
'عشق خود تصوّف آ
'پنهنجي پيار ۾ آهي
'پاڻ کي پيو ماڻي.'

پيار ئي مـتوبـَن آ،
پيار ڪيتڪيون آهي،
پيار راڌڪا آهي؛
پيار سُر پرينڊو آ
پيار ڪان سوا منهنجي
بنسري ڀلا ڇاهي!

اڄ وري ملي آهين
تون جا آروَشي آهين
مان ئي تنهنجو سُواس آهيان،
مان ئي تنهنجي سونهن آهيان،
مان ئي تنهنجو وڪرم هان،
مان ئي ڪاليداس آهيان.

بنسري وڄي ٿي پئي
آءٌ ميڙ گوپين جو،
جيءُ منهنجو جمنا جئن،
ڇانورو ڪَدم جهڙو
مورَ ڏورَ ۾ آهن
ڏون اچين ٿي راڌا جئن.

تو جيان ڪَوي آهيان،
ليءِ ۾ بنسري آهيان،
ڇانوَ ۾ ڪَدم آهيان،
پيار ۾ الوٿ آهيان؛
اي 'ودياپتي' تنهنجو
آءٌ ٻيو جنم آهيان.

عشق کي بہ چڙهن آهن
ڪنهن عقاب جئن گهڻگهرو
جهڙپ ڏي تہ ڇم ڇم ٿئي؛
اي اکيون اڃا ترسو
پوءِ هُن سان ڳالهايو
هي هجوم ڪجهہ ڪَم ٿئي!

مون گهڻو ڇپايو، پر
مرگهہ جي ڪٿوريءَ جئن
ڦهلجي وئي آهين؛
مان گهڻو جهُڪايان پر
تون سندم نگاهن جو
طرف ٿي وئي آهين!

پَرتَ پَرتَ ڪُڙتي مان
مان سنڌءِ انارن کي
راهه تان ڏسان ٿو پيو؛
ڪَنڌ کي جهُڪائي تون
مُرڪندي هلي ويئين ءَ
مان اڃان ڏسان ٿو پيو.

آءٌ تنهنجي پرسان هان—
انب تنهنجي ڇاتيءَ تي
اِئن لَڏي رهيا آهن،
ڄڻ ته ڪوئي واڇوڙو
اوچتو اچي ويو آ،
وڻ ڏڏي رهيا آهن.

پرڀري هريءَ وانگر
ڪالهه هي چيو هو مون
”رات جيڪا گذري وئي
”چانڊوڪيءَ ۾ چمڪي
”جڻ ته لهر سمنڊ جي
”سمنڊ ڏانهن موٽي وئي“

رات مُنهنجي زخمن تي
پنهنجا چپ مرهم جئان
تو رکيا هيا پياري،
منهنجي روح ۾ ڪيڏا
ڪاهه گلاب ڪاري جا
گُل ٽڙيا هيا پياري!

مان جو تنهنجي پهلوءَ ۾
روز ايئن سمجهان ٿو
زندگيءَ جو ميلو هان،
ڪنهن کي هي ٻُڌايان مان
هر خوشي غم آميز آ
مان جڏهن اڪيلو هان.

اُسَّ ۾ ڪـَڙهي پياري
تنهنجي سائي وڻ هيٺان
پلَ ٻه چار ويٺو هان،
تنهنجيَ ڇهچ تاريءَ جئن
هيءَ ڳراٽڙي، منهنجو
آ بچاءُ آرهڙ ڪان.

چنڊ ڇوٽ جو آ، يا
سينگ ڪام جي آهي!
راتڙي ٽڏيري آ،
ها، اڇا تہ آرهڙ آ
پو بہ انگ ڇٽن آهن
پيار منڊ ڦيري آ.

توُن اڇا لڄاري آن:
اڏن ڇُهاو ۾ پياري
مون سان تنهنجي ڇاتي آ،
رات جي ڪَسوٽيءَ تي
چنڊ باڪيءَ وانگر
جهڙ تہ ليڪ پاتي آ.

شام ٿي وئي آهي
پيار ۾ ڪڙي آهين
نيڻ جي لڙي آهين؛
دير ٿي وئي آهي
تون وڃڻ نه ٿي چاهين
ڪيتري ڪڙي آهين!

شام آهه سانوڻ جي
تو چيو، ”وڃان ٿي مان
”ٿي اڇي گهٽا ڪاري“؛
ڇَڳَّ ڪي ڇُمي تنهنجي
مون چيو نه ”ترسي پَئُم
”رات آهه متواري“

مُرڪندي اچين ٿي تون
چنڊ جيئن ماٿي تي
ٻندیا لڳائي ٿي،
ڪا جُڳن جي جوت آهي
جا اُداس نيڻن ۾
اوچتو جڳائي ٿي.

آسمان ۾ بادل
آءُ جڳت ليلا
پيارُ ڪيئي پرچايون!
مينهن ٿو پوي ڏاڍو
دل چوي پئي ته اڄان
رات تائين ڳالهايون.

مان ميٺ ۾ ٻيڻا
ڏينهن جو ڏسي توکي
پاڻ ڪُجهه نه سوچن ٿا،
سِرُوءَ جا ٽِڪُندا وڻ
ساري رات ٽيڙن سان
جو رهاڻيون ڪَن ٿا.

آپَ ۾ ڪٿيون ڏسندي
هَن چيو، ”سکي، سَپِتّان
”اڄ رات ڪونه آيو،
”پهر رات باقي آ
”چِتُ چِئن ڪِثن پائي
”هاءِ، هاءِ چو نه آيو!“

”روز ڪيف ۾ آهين
”چاندنيءَ جي پاڇي ۾
”روز روز پيئين ٿو!
”ڇو رُسي ويو آهين
”جام جي سهاري ڇو
”مون سواءِ جيئين ٿو؟“

اڄ تو پنهنجي سيني تي
گُل عجيب مينديءَ سان
ويهي ڏاهيا آهن،
رنگ هِي ڪٿي ڪنهن ۾
ڪيئي گُل پرين منهنجا
مون به چاهيا آهن!

تنهنجي سار آئي آ
اڄ تہ چنڊ ساوڻ جي
اِئن ڀِڙڙِي هنئين آهي،
ڄڻ ڪلال جي در تان
مَستُ مان پِري وهہ جِي
مون وٺي ڪنئي آهي.

ڇا ڇُپائي تي پنهنجو
چولڙي چُنِي جو هن
رنگ ۾ رڱائي آ؟
ونڌڻ ڀهرين ڦُل ٻاٽي،
گوگڙا اڄا ڪونهن
ٿر آڀي مان آئي آ.

---

ڦل ٻاٽي — ونڌڻ ۾ گوگڙن ڪان اڳ ڦل ٻاٽي ٿيندي آهي
ٿرُ آڀو — آٻاوڙي پاسي وارو ٿر

تون ڪٿي ڇپي وئي آن؟
مشعلون ٻريون آهن
اڄ شبِ برات آهي؛
تنهنجا نيڻ جو ڪونهن
ڪيتري انڌيري اڄ
منهنجي ڪائنات آهي!

ماڻڙي نه ٿي آڇي
ڪائي واٽ تي ويندي
ڇُڪَّ ٿي وئي آهي
راتڙي نه ٿي گذري
پيار ۾ اداسائي
ڪا ڇپي وئي آهي.

تنهنجا سڏ سرنايون
منهنجي من ۾ چڻ ڪيئي
آسمان آيرن ٿا؛
چاندنيءَ ۾ چوڙاها
واسُ واسُ وڙاهون
سو جهان آيرن ٿا.

تنهنجا ڳل لڳن ٿا ائن
چڻ هزار ڦلواريون
رنگ ۾ رَليل آهن؛
مان وري اڏامان ٿو
توڙي پيار ۾ منهنجا
پر اڳي جليل آهن.

چهنب چهنب سان لاڳي
ٽار تي ٻه پاريهر
پيار ۾ الوٽ آهن؛
سي چميون ڪئي آهن
منهنجا چپ اڄ جن کي
ايترو پيا چاهن!

آن سوا اڌورو مان
سونهن آ ليکيو منهنجو
سونهن منهنجو ڀاڳ آهي؛
سونهن کان سواءِ دنيا
خواب جئن پريشان آ
موت جئن اجاڳ آهي.

راتڙي جهڙالي آ
آسمان تي تارا
ڪي ٻه ٽي رهيا آهن،
اڄ ته تنهنجي لوئيءَ ۾
انگ منهنجي ٻانهن لڳ
ڇڻ آتاولا آهن.

تنهنجي آلي سيني تي
اي آتاولي، منهنجا
چپ لوڻ لوڻ آهن؛
تنهنجي منهنجي ياڪر ۾
پيار جا سوين سپنا
ڇڻ ته جوڻ جوڻ آهن!

هي پکهر هي اونهارو
ڪيتري طلسمي آ
تنهنجي پيار جي خوشبو!
مست نه آهه متوالي
تنهنجي آلي سيني سان
ڪا بهار جي خوشبو!

واٽرو ٿڌيرو آ
تنهنجي سار اي سرتي
ساري رات جهمڪي ٿي،
آڀ تي انڌيرو آ
پيار جي امر جوتي
ڏيئڙن ۾ ٽمڪي ٿي.

اي گلاب جهڙن جانان
تون شگفته رهڻي آن
منهنجي شاعريءَ وانگر،
تون سدا حيات آهين
موت جي شڪست آهي
شعر عاشقيءَ وانگر.

ڳهر لهر جهڙن آئي
ساري رات سَرتن سان
مَنڌه پي مون پڇتايو؛
ماڪ مانگهه جي منهن تي-
باڪ جو آئي در مان
تو ڏنو ته ڪو آيو؟

مانگهہ جي هوائن ۾
پاپڙيون سرنهن جون اڄ
رات پيئي ڪڙڪائي؛
سيءَ جو سياٽو آ
سڄَ جيئن ڇاتيءَ سان
ڪاش، ڪو اچي لائي!

مون تڏهن بہ ڄاتو هو
لاڙ جي هوائن جئن
مان ڪڏهن هليو ويندس؛
زرد ڦول ٻيرن جا
واٽ تي ڇٽي پوندا
مان جڏهن هليو ويندس.

ڏس، هي عطر جو شيشو
اوتجي ويو آهي
پو بہ آن ۾ خوشبو آ؛
ياد ٿيون اچن جانان
سي ڳرانٽڙيون تنهنجون
جن جو آن ۾ جادو آ.

ٿون جڏهن هئين ء مون سان
اِئن لڳو پئي ڪوڙتا
چڻ تہ بي چسي آهي،
تنهنجي سار آئي آ
منهنجي ذات اڄ مون تي
مينهن جئن وسي آهي.

مون کي پنڇي پيارا ها
ڪالهه جي آڏامي ويا
چار ٻولڙيون ٻولي:
اڄ اُداس بن ۾ پٽئي
اي اياز ڪالهوڪي
ڪوڪ ڪويليون ڳولي.





ڏولائو ڏيئي
جنهن ٿاريءَ مون پيرڙا
مُٽڙي سا ويئي.

ڪيڏو ڀاڙوا ٻول
ٻـو ـ ساگر جي پيٽ ۾
مانيڪ جنم امول!

مان، تنهنجو سوداءُ
جنم آڪارٿ ٿو وڃي،
اڇڙو آنهه تہ آءُ !

ناهي رات آناسُ
پرڀاتي تاري ڏنو
وشوُ متان وشواسُ.

ڏونگر نہ ڏرندو،
’ڪبير‘ جهپڙي ڪاٺ جي
تنهن مان ڇا ورندو؟

ڪنهن جي چوٽي آ؟—
”نيٺ تہ گهاگهر جل ڀري
”ٿني ٻوڙي آ.“

ڏُک ڏنءِ اِئن يارَ
ڦُلَ ڪِري جِئن پونءِ تي
لڳي نہ پيهر ٽارَ.

ساهتيہ سائين؟
مٿان اکيون نانگ جون
ماڪَ ڦڙا پائين!

هيءَ جا منهنجي سِڪَ،
نرمل بوند آڪاس جي
ڇمپا مٿان ڇِڪَ!

ڇا هو نہ ايندو؟
نديءَ ناوَ سنجوڳُ ڇا
ٻيهر نہ ٿيندو؟

ٻُجهي وڃي جي لاٽَ،
هيءَ جا ڪاجَل ڪوٺڙي
ڇا اِن مان ڪا واٽ؟

پاڇو ۽ پاڻي—
ڪياماڙيءَ جي موڙ تي
ڏوئل* آڏاڻي.

---

* ڏوئل — سمنڊ جو پکي، جنهن جي وڏي ڇهنب ٿيندي آهي.

ماڻ؟ ڌرتي جيڏانهن-
پکي نہ آڏري ٿا وڃن
آءُ وڃان ڪيڏانهن!

اديون، هي اسرار
هي جو ڪويل ڪوڪ ۾
آ پورو پولار!

گيڙوءَ ۾ پرسن-
مورکُ سانجهيءَ سڻنّ ۾
ريتو رڱتي نہ مَن!

”رڳو هيءُ جنم!“
اڄ دل ڪولي ٻاڦيو
مکڙيءَ پنهنجو غم.

خالي آ کيرو—
ڪنهن جا پنڪ هيا اِهي
ڪنهن جو بسيرو؟

ڏي نہ ميارون تَن
اي مومل! هر رات جو
راڻا رڙ نہ ڏين.

سرتِيي سائو پٽَنُ—
مينهن ڦُڙين کان پوءِ تنهن
نت نئون جوبن!

مهڪون ڏي مهڪون
پڳ پڳ پَپُرَ ڦَليا
لَڱن مُرلهڪون.

چڙن پڙاڏا—
اونيهڙا اڳتي ويا
لڪ لنگهي آڏا.

ٽريليون ٽوهن—
لهرين مٿان هنج ٽا
جيئن سواري ڪن.

ڪيڏيون آڏارون،
چنچل چيتا وانگيان
هي تنهنجون سارون!

مٿان لائين ڏينهن!
چينا هيل چڃي پيا
موٽ وسندي مينهن.

تو به نه لڌي سارَ
مون ماريندين اوچتو
مانگرڙيون ميهارَ!

نيڻن ڪٽورا
تن مان پيئڻ ڏينهڙا
باقي ڪي ٿورا.

منهنجا نيڻ هـَرڻ
تو پويان ڊوڙيا پرين
پيهر آڇ ّ مـَرڻ!

ماڻا نه ماڻا،
هٿن چوڙيون ڍليون
پرينءَ پڇاڻا.

اَڄ ٿي ايندو،
وَرِت چڪيندي سُپرين
مون کي گهر نيندو.

ٻوِيان ٻاڇولا —
واسي ويا وڻراهه کي
ٿولاڪين ٿولا.

چڪجي اڄ چِا ۾
ڪنچن-ورڻيون ڪامڻيون
آيون سنجها ۾؟

چِٽندو واريءَ تي
چنڊ ٻه ٻيلو گُل آ
سنجها ٽاريءَ تي.

ٻيڙي نينڊو ڪيئن؟
هيءُ پتڻ تي سِڙهه پٺيان
چنڊ خلاصيءَ جيئن.

ٻوي ٿو پارو،
وٽيءَ وِهه ڪلال جي
ٻويون مٿارو.

ڇا ڪنهن ڪي سگهي،
روهاڪين جي روهه تي
لاڪيڻي لِڪڻي؟

هيڪل آڏارون—
ڪارونجهر! ڪاڏي ويون
ڪُونجن قطارون؟

گهنگهر ۾ گهاريون،
ڪيسين تنهنجا سانورا
سنيهڙا ساريون؟

متت آهي ماپا!
ڪلاڪي هتت سان
لاهه نہ لاڳاپا!

هاڻي ڪجاڙو؟
سڌر نہ رکيئہ سچ جي
توري تراڙو.

ڇا ڇا منهنجي من—
پوياڙيءَ جو پٽ تي
ڇڙيون ڇوُن ڇوُن ڪن.

ٻَلِي پارا ٻَوَ
ڳاڙها گُل مرجهائيا
هاڻي کهڙو ٻَوَ !

سانجهيءَ جي ويرا،
آيا ڇا ڪان لهرجي
پيشمانيءَ ڀيرا؟

ڪيئن آجهاڻا جامَ؟
منهنجي دل اِئن سرد جئن
ٺٺيا گليءَ شامَ!

تازا آيا ڳيا!
ساڳيون تنوارون اڃان
ٽڙ ڪٿي ساڳيا؟

اڄ جو مينهُن مٿان،
وُڏو ڇنڪي ڇوهه سان—
وڃو آءُ لڪان.

پُنءِ ساري پنيٽ،
ڏانديڙي پڙڪو ڏنو—
ڳاڏيءَ جو ڇيڪٽ.

ٻُڪيا مڙساڙو—
ڏاوَن کان ٻه ڏيکڻ ڪپڻ
آڙي هي آڙُو!

ڪارو ميگهه مٿي
* مينهون 'سوئڻ' گاهه ۾
ڪيٽي بندر تي.

---

* سوئڻ — گاهه، جو ڪيٽي بندر تي ٿيندو آهي

* ڪنيوءَ آڏارو—
چمڪي پٽي چنج ۾
* آن جي ڦهيارو.

ويڙهي ۾ وڻ جيئن،
دنيا ناهي ڏيٺڙي
بابل - اڱڻ جيئن.

چندرما ڪاپو،
* هينان پٽ ڪبير جو—
اهڙو جياپو.

---

* ڪنيو — سمنڊ جو هڪ پکي
* ڦهيارو — سمنڊ جي سنهي مڇي
* ڪبير جو پٽ — هڪ وستي

اجهو آڏريون سي
* پيڙيءَ پاچل ڪانگٽيون—
ڪينجهر سڄيّ لئي

جاچيئه ڪونه جڏا
ڏاها تو ڏيري هيا.
وَرڻ ڪان به وڏا!

آرهو اونداهو—
تو جو لاٽو لاٽا
آگهيءَ تان آهو.

* پاچل – پيڙيءَ جو پويون حصو

جيڏي چنگ ۾ چڙن
تيڏي ساڻون ڇنڊ ڪي
آهه تانگهه تڙن.

پڻ ۽ يا پيرؤ سُرُ!
ساجن سارو سوجهرو
اڪيون باڪ آڳرُ.

جڳ تونڙي جيءَ ۾،
اندا! آءٌ اننت هان
تنهنجي ٻوليءَ ۾.





سڄڻ جو ساريان
مون کي آرت نه آڇهي
سپنا سپ چمار جا
ويهي ڪئن واريان!
مون کي آرت نه آڇهي
اڱڻ مٿان ڪانگڙيون
ڪيئن نهار يان؟
مون کي آرت نه آڇهي
ڪاوا، ڪوڏيون، ڪنجرا
ڪيئن آجاريان؟
مون کي آرت نه آڇهي
ڪيئن ونگيءَ ٽڪ تي
مان ڳوڙها ڳاريان؟
مون کي آرت نه آڇهي

آڻ ـ ڏڻا اوڻارَ
منهنجا جيءَ جيارَ
ايندم نيندم ماڳ تي
آءُ آئين ٿي پنڌ ۾
آيو سيڄ ڪَپارَ
ايندم نيندم ماڳ تي
واٽون ڦُلن ڇانئيون
سانگيئڙن جهي سارَ
ايندم نيندم ماڳ تي
هوءَ جي اڇڙا اوڇڙو
مون ڪان مُؤرنه ڏارَ
ايندم نيندم ماڳ تي

# پلنامو

سٽ ۹ صفحو ۲۳
غلط – پوء آپري ايندو آهي
صحيح – پوء ٻہ آپري ايندو آ
سٽ ۱۳ صفحو ۴۴
غلط – لاٿل ڪپڙا ايٿن ڪتن تي
صحيح – لاٿل لويون ايٿن ڪتن تي
سٽ ۱۷ صفحو ۴۴
غلط – هو جي نيڻ ننڊ نهوڙي
صحيح – هو جي نيڻن ننڊ نهوڙي
سٽ ۱ صفحو ۴۸
غلط – لايون ڪوبہ سجايو ناهي
صحيح – لايو ڪوبہ سجايو ناهي
سٽ ۱۰ صفحو ۵۱
غلط – ايندي ويندي هر ساهيءَ کي
صحيح – ايندي ويندي هر ساسيءَ کي
سٽ ۴ صفحو ۵۴
غلط – رُتہ ٿمائيندي آڏري ٿي
صحيح – رُتہ ٿمائيندي آڏري ٿي
سٽ ۲ صفحو ۸۱
غلط – ڌرتي زندهہ باد پيو چيا گهرجي
صحيح – ڌرتي زندهہ باد تہ پيو چيا گهرجي
سٽ ۳ صفحو ۱۴۵
غلط – آهہ تانگهہ ٿڙن
صحيح – آهي تانگهہ ٿڙن
نوٽ:– صفحي ۸۴ تي ڏنل ڇهہ سٽون الڳ نظم نہ آهن پر
صفحي ۸۲–۸۳ تي ڏنل نظم جو آخري بند آهن.

## نيو فيلڊس جا فيبروري ۽ مارچ ۾ ايندڙ ڪتاب

# وائٽ وينڊي

مصنف: علي احمد بروهي

# مڪليءَ کان ملاڪا تائين (سفرنامو)

مصنف: الطاف شيخ

# ساهيوال جيل جي ڊائري

مصنف: شيخ اياز

## نيو فيلڊس جا جلد شايع ٿيندڙ ڪتاب

| | |
|---|---|
| ۱. جاڳو جاڙيجا | علي احمد بروهي |
| ۲. پڙاڏو سوئي سڏ (ڀاڱو ٻيون) | سراج |
| ۳. ڀڳت سنگھه کي ڦاسي | شيخ اياز |
| ۴. چنڊ جا ٽمڪاٽي | آغا سليم |
| ۵. آتم ڪهاڻي جا وڏيڪ جلد | شيخ اياز |
| ۶. ڪهاڻي جو قافلو | نجم عباسي |
| ۷. پن ڇڻ ۽ چنڊ (شاعري) | آغا سليم |
| ۸. آفريڪا ۾ سورهن سال (سفرنامو) | احمد علي قريشي |
| ۹. ڌرتيءَ تي دوزخ | نظير ميمڻ |
| ۱۰. حليم بروهي مجموعو | حليم بروهي |

# نيو فيلڊس پبليڪيشنس طرفان شايع ٿيل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ۱. بين الاقوامي قانون ۽ تنظيم | فيروز احمد | ۱۶/- |
| ۲. جيل ۾ ۲۲ مهينا (ڀاڱو ۱) | طارق اشرف | (ختم ٿيل) |
| ۳. اڌ ملاقات | طارق اشرف | ۱۲/- |
| ۴. جيل گهاريم جن سان | طارق اشرف | (ختم ٿيل) |
| ۵. جيل ۾ ۲۲ مهينا (ڀاڱو ۲) | طارق اشرف | ۱۲/- |
| ۶. زندگيءَ جو تنها مسافر | طارق اشرف | (ختم ٿيل) |
| ۷. ۴- مارچ ۽ سنڌي جوڌا | — | (ختم ٿيل) |
| ۸. بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون | امر جليل، آغا سليم نسيم کرل، پليجو ۽ ٻيا | ۱۲/- |
| ۹. اونداهي ڌرتي روشن هٿ | آغا سليم | ۲۵/- |
| ۱۰. رات منهنجي روح ۾ | غلام نبي مغل | (ختم ٿيل) |
| ۱۱. ۳۰ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون | (ڀاڱو ۱) | (ختم ٿيل) |
| ۱۲. ٿڌا چپ (ڪهاڻيون) | ايشور چندر | (ختم ٿيل) |
| ۱۳. وايون وڻجارن جون | الطاف شيخ | ۱۲/- |
| ۱۴. ۳۰ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون | (ڀاڱو ۲) | (ختم ٿيل) |
| ۱۵. بندر بازاريون | الطاف شيخ | ۱۲/- |
| ۱۶. شڪليون (خاڪا) | عبدالقادر جوڻيجو | ۱۰/- |
| ۱۷. يادگار ڪهاڻيون | مختلف ڪهاڻيڪار | (ختم ٿيل) |
| ۱۸. ٽين دنيا جون ڪهاڻيون | وليرام ولڀ | (ختم ٿيل) |
| ۱۹. عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون | | (ختم ٿيل) |
| ۲۰. دل اندر درياءُ (ڪهاڻيون) | مدد علي سنڌي | (ختم ٿيل) |
| ۲۱. دل جو بندر (ناول) | اڊورل آئيويس/ نصير اعجاز | ۱۶/- |
| ۲۲. رهيل قرض (ڪهاڻيون) | ظفر حسن | ۱۲/- |
| ۲۳. درد جي خوشبو (ناول) | قاضي خادم | ۱۸/- |
| ۲۴. ڪنهن سان سور سليان | مرتب: فيروز احمد | (ختم ٿيل) |
| ۲۵. فڪر جي آزادي | آسٽيفن زويگ/ابراهيم جويو | (ختم ٿيل) |
| ۲۶. منهنجو ساگر، منهنجو ساحل | الطاف شيخ | ۱۶/- |

| | | |
|---|---|---|
| ٢٧• غلامن جو ٻيڙو (ناول) | مصنف: ايرڪ ڪارڊر<br>مترجم: دوست محمد پٿي | ٢٠/- |
| ٢٨• سي ڏي جوين ڏينهن | الطاف شيخ | ١٥/- |
| ٢٩• عاشي (ناول) | مصنف: هينري رائڊر هئگرڊ<br>مترجم: فضل احمد بچاڻي | ٣٠/- |
| ٣٠• سي ٻيڙيون رکين پاڇهه سين | الطاف شيخ | ٢٠/- |
| ٣١• سڌارٿ (ناول) | هرمن هيس/ فضل احمد بچاڻي | ١٠/- |
| ٣٢• جپان رس | الطاف شيخ | (ختم ٿيل) |
| ٣٣• روح جي ڳولا (ناول) | مترجم: فضل احمد بچاڻي | ١٠/- |
| ٣٤• درد جا ڏينهن، درد جون راتيون | طارق اشرف | ٢٠/- |
| ٣٥• سانباهو سمونڊ جو | الطاف شيخ | ١٥/- |
| ٣٦• سورج هوندي مرجهايل | نجم عباسي | (ختم ٿيل) |
| ٣٧• آسيه (ناول)<br>(عاشي جي واپسي) | مصنف: هينري رائڊر هئگرڊ<br>مترجم: فضل احمد بچاڻي | ٢٠/- |
| ٣٨• قلندر (ڪهاڻيون) | مصنف: قرةالعين حيدر<br>مترجم: مدد علي سنڌي | ١٢/- |
| ٣٩• الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان | الطاف شيخ | ١٢/- |
| ٤٠• سزا جا سک | مصنف: آسڪر وائلڊ<br>مترجم: فضل احمد بچاڻي | ١٢/- |
| ٤١• بهترين سفرناما | الطاف شيخ | ١٥/- |
| ٤٢• للڪار (ڪهاڻيون) | نجم عباسي | ١٥/- |
| ٤٣• ٽڪل سريت<br>(ڪهاڻيون) | مصنف: البرٽو موراويا<br>مرتب: وليرام ولڀ | ١٢/- |
| ٤٤• لنڊن تائين لفٽ | الطاف شيخ | ١٢/- |
| ٤٥• تصوير جو خون (ناول)<br>(پڪچر آف ڊورين گري) | مصنف: آسڪر وائلڊ<br>مترجم: فضل احمد بچاڻي | ٢٠/- |
| ٤٦• حليم شو | حليم بروهي | ١٥/- |
| ٤٧• پارن جون آکاڻيون | الطاف شيخ | (ختم ٿيل) |
| ٤٨• سپون | خليل جبران/ فضل احمد بچاڻي | ١٢/- |



شيخ اياز جا ايندڙ ڪتاب

* ساهيوال جيل جي ڊائري

(شيخ اياز جون يادگيريون جڏهن هو
ذوالفقار علي ڀٽي سان جيل ۾ هو)

* ڀڳت سنگهه کي ڦاسي

(سنگيت ناٽڪ)

* آتم ڪهاڻي جا ويڪ جلد

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آس رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوائ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

ٻَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **جو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)